ڊاڪٽر احسان دانش

# سنڌ جي تاريخ جو نشان راهه
# پير حسام الدين راشدي


***Abstract:***

**Pir Hassaamuddin Rashidi: A Milestone in the History of Sindh**

*Pir Hassaamuddin Rashidi is one of the most prominent researcher, scholar and historian of Sindh. He did his research with the kind of a passion and diligence that very few such examples can be found in Sindh. For the major part of his life he kept flipping through the pages which led him to trace the past of Sindh. His curiosity did not end at the achievement of those ancient manuscripts but in fact his real accomplishment was to sift through those manuscripts, write commentaries on them and remove the dust of misstatements from the history.*

*Rashidi Sahib led all his life striving for scholarly pursuits. Tracking the clues of the old history of Sindh he travelled to all those parts of the world where he could possibly find something about the archaeological account of Sindh. He visited various historical and cultural sites and locations of different countries, checked libraries and represented Sindh as a scholar, researcher and a historian at many international forums.*

*Pir Hassaamuddin Rashidi occupies an elevated position among the research scholars and historians of Sindh. He possessed amazing expertise to compile and investigate the history of Sindh and the life stories of the scholars and intellectuals of Sindh. Any avid reader who reads his authored and compiled stuff does not fail to appreciate and applaud his know-how, broad-mindedness, extensive study and his principles of criticism. Some of the achievements of Rashidi Sahib which will keep his personality and works alive include: finding old and anonymous manuscripts and discovering dog-eared anthologies, expanding them anew, writing erudite prefaces and forewords, putting in order and improving the haphazard and unarranged history pages etc. Impressed by his erudition and style as a historian, one of the great historians of the subcontinent Sayyid Sulaiman Nidvi dubbed him 'the Historian of Sindh'.*






***Keywords:*** *historian, trace, manuscript, anthology, erudition.*

سنڌ پنهنجي ليکي دنيا جو هڪ اهڙو عظيم خطو آهي، جتي نه ڪڏهن علم ۽ هنر جي کوٽ رهي آهي ۽ نه ئي وري عظيم شخصيتن جي. شخصيتون پنهنجي قول، ڪردار ۽ عمل سان عظيم ٿين ٿيون. سچ اهو آهي ته انسان جو چڱو عمل ئي کيس عظمتن جي بلندين تي پهچائي ٿو. سنڌ جي ڌرتي شخصيت ساز ڌرتي آهي. هن پونءِ ادب ۽ آرٽ کان وٺي سياست ۽ سماجي علمن تائين انيڪ شعبن ۾ اهڙا ماهر انسان پيدا ڪيا آهن، جن تي اسان فخر ڪري سگهون ٿا. پير حسام الدين راشدي انهن شخصيتن مان هڪ آهي، جن علم ادب ۽ تاريخ جي شعبي ۾ نهايت اهم خدمتون سرانجام ڏنيون آهن.

ڪنهن کي ڪهڙي خبر هئي ته حسام الدين جنهن جون جمڻ بعد اکيون ئي نه پئي کُليون، سو اڳتي هلي اهڙن ڪهنن ۽ قديم ڪتابن ۾ نظرون کُپائيندو، جن ۾ سنڌ جي تاريخ دفن ٿيل هئي. پُرندڙ ورقن وارن انهن قلمي نسخن کي هن ڪيڏي احتياط جي آگر سان ڇهيو هوندو ۽ انهن ۾ موجود اکرن کي ڪيڏي باريڪ نظري سان ڏٺو هوندو..... اهو سڀ ڪجهه ان عشق جي طفيل هو، جيڪو سندس من ۾ ڪنهن ساگر جيان ڇوليون هڻي رهيو هو. اهو سنڌ جي عشق جو ساگر ئي هو، جنهن سدائين سندس من کي بي چين رکيو. ان عشق ۽ بي چينيءَ کيس سياست جي گورک ڌنڌي کان پري ڪري ڪتابن ۾ پناهه ڏني. هو سڄي حياتي ماضي جي ورقن ۾ گم رهيو. ”پنهنجي وسيع مطالعي سان جيڪو به تحقيقي ڪم ڪيائون، ان ۾ سنڌ جي پيار ۽ محبت جو عنصر نظر اچي ٿو. سندس هر لکڻيءَ ۾ سنڌ شناسيءَ جو اهڃاڻ ملي ٿو، جنهن مان اسان پنهنجي ماضيءَ جي داستان کي پڙهي ۽ پروڙي سگهون ٿا. انهن مقالن ۽ تصنيفن ۾ سنڌ جي سوين سالن جي تاريخ ۽ تذڪرا بيان ڪيل آهن.“(1) سنڌ جي حقيقي تاريخ ۽ تمدن جي تلاش ۾ هن دنيا جون لائبريريون اٿلايون، ڏيهان ڏيهه گهميو. قديم ڪتابن جي ورق گرداني ڪئي ۽ هر وقت محوِ مطالعه رهيو. اعجاز الحق قدوسي لکيو آهي ته: ”سنڌ وارن تي راشدي صاحب جو وڏي ۾ وڏو احسان اهو آهي، جو سنڌ جي تاريخ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي ڪميابي بلڪ نايابي سبب مٿس جيڪي قلف چڙهيل هئا. راشدي صاحب انهن ماخذن کي ايڊيٽنگ جي جديد، مستند، مدلل ۽ سائنسي اصولن موجب حواشي ۽ تعليقات، مقدمن ۽ حاشين، وضاحتن ۽ نوٽن سان سنواري ۽ سينگاري، قلفن جي ڪٽ لاٿي ۽ منظر عام تي آندا ۽ ان طرح سنڌ جي تاريخ عام ماڻهو آڏو پهتي. سنڌ جي تاريخ جا اڪثر ماخذ سندس ئي ايڊٽ ڪيل آهن."[٢]

حسام الدين راشدي جي سنڌ سان عشق ۽ تاريخ سان اڻ ٽُٽ تعلق جي ڪهاڻي بہ ڏاڍي دلچسپ ۽ معنيٰ خيز آهي. لاڙڪاڻي جو ڳوٺ بهمڻ جيڪو حسام الدين راشدي جي جنم ڀومي آهي، سنڌ جي روايتي ڳوٺن وانگر ثقافتي رنگن سان رچيل تہ هو، پر تعليم جي ميدان ۾ ماڻهن جا هٿ وڃي مسجد جي مُلن ۽ مولوين تي ئي کُپندا هئا. انهن ڏينهن ۾ سنڌيءَ کي گهر جي زبان سمجهندي گهڻو ڪري فارسيءَ تي زور هوندو هو. جتي سعدي شيرازيءَ جا گلستان ۽ بوستان، جامي جو يوسف زليخا ۽ ٻيا ڪتاب پڙهايا ويندا هئا. پير علي محمد راشدي، انهن ڏينهن جون ساروٽيون سارينديي هڪ اهڙو واقعو ٻڌايو آهي، جنهن پير حسام الدين راشدي جي زندگيءَ ۾ طوفان برپا ڪيو ۽ هو هڪدم بدلجي ويو. هو لکي ٿو تہ: "هڪڙي ڏينهن حسام الدين راند ڪندي ڪندي منهنجي ڪمري ۾ اچي ڪتابن سان ڪڙاند ڪرڻ لڳو. مون ڪيس دڙڪو ڏنو، 'اڙي ڇٽ، تون منهنجن ڪتابن کي هٿ نہ لاءِ.' هن مون ڏانهن ڏنو ۽ هيئن چوندو هليو ويو، 'آءٌ ڇٽ آهيان؟ چڱو ادا.'

ان واقعي کان پوءِ هن جي طبيعت ۾ وڏو انقلاب آيو. هن رانديون رمڻ ۽ ڳوٺ جي ٻارن سان رُلڻ هڪدم ڇڏي ڏنو. اڳي کان وڌيڪ منهنجي ويجهو آيو ۽ هر ان شيءِ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو، جنهن ۾ مون کي دلچسپي هئي. ماٺ ميٺ ۾ هر ڪا ڇپيل شيءِ پڙهڻ لڳو. جيڪو بہ پڙهيل لکيل ماڻهو مليس، تنهن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري ڪانہ ڪا ڪم جي شيءِ حاصل ڪرڻ لڳو. رات جي ماني کائڻ کان پوءِ لالٽين رکي کي نہ کي پيو پڙهندو هو ۽ دير تائين پڙهندو رهندو هو. ڳوٺ تہ ڇڏيو سنڌ جي وڏن وڏن شهرن ۾ بہ اڃا بجلي ڪين آئي هئي. اسان جي والده مرحومہ پڪو ڪٽي ساڻس گڏ ويهندي هئي ۽ جيستائين هو پاڻ ٿڪجي سمهي نہ رهندو هو، هوءَ اتان چرندي بہ نہ هئي. گهڻو ڪري ٻئي صبح جو ٽين چئين بجي تائين ويٺا هوندا هئا.





منهنجي طبيعت جي انهيءَ تنديءَ ۽ تيزيءَ جي ڪري، هن تي ايترو اثر سو ضرور ٿيو جو سندس طبيعت ۾ ڪيترين ئي نيون ڳالهيون پيدا ٿي ويون. مثال طور راند روند کان نفرت؛ حد کان وڌيڪ سيلف ڊسپلن ۽ ادب؛ دل، دماغ ۽ زبان تي بيحد ضابطو؛ پڙهڻ ۽ محنت مشقت کان دل نہ لاهڻ؛ تجسس ۽ تحقيق جو شوق. اڃا ٻارهن تيرهن سالن جي عمر ٿي هيس، پر طبيعت ۾ ڪابہ ٻاراڻي ڳالهہ نہ رهيس. طبيعت جو ڏاڍو حساس هو."[٣] طبيعت جي انهيءَ حساسيت اڳتي هلي هن کي ليکڪ بڻايو. جيتوڻيڪ هن ڪنهن بہ اسڪول، ڪاليج يا يونيورسٽي مان تعليم حاصل نہ ڪئي پر پنهنجي محنت ۽ جستجو سان علم جا خزانا حاصل ڪيا. هن سنڌي، اردو، انگريزي، فارسي ۽ عربي ٻولين تي اهڙي تہ مهارت حاصل ڪئي، جو اڳتي هلي ڪيس انهن ٻولين جو وڏو عالم سڏيو ويو ۽ دنيا جي وڏن وڏن عالمن اهڙو اعتراف ڪيو. لکڻ جي ابتدائي دور ۾ هن پنهنجي اڌمن جي اظهار لاءِ شاعريءَ جو ڏڳ ورتو ۽ ان دور جي استاد الشعراء حاجي محمود خادم لاڙڪاڻوي جي شاگردي قبول ڪئي. بعد ۾ هن 'الزليخا' نالي هڪ ناوليٽ لکي افسانوي ادب ۾ پير پاتو، جنهن بعد 'امانت'، 'بد نصيب شهزادو'، 'انارڪلي'، 'پاڪ دامن عورت' ۽ 'گلن واري ڇوڪري' جهڙا نيم رومانوي، اصلاحي ۽ نيم تاريخي افسانا لکيا. "راشدي صاحب افسانوي ادب ۾ تڏهن وک وڌائي، جڏهن اُپکنڊ جا اڪثر مسلمان اديب نيم مذهبي، نيم تاريخي ناولن ۽ افسانن لکڻ ۾ رُڌل هئا. هي زمانو لڳ ڀڳ ١٩٣٠ع کان شروع ٿي، ١٩٤٥ع ڌاري پورو ٿئي ٿو."[٤] افسانہ نويسيءَ جي حوالي سان حسام الدين راشدي پنهنجي هڪ انٽرويوءَ ۾ ٻڌايو آهي تہ: "بنيادي طرح مان افسانہ نويس هئس. سنڌ زميندار اخبار ۽ ٻين اخبارن يا رسالن ۾ منهنجا افسانا شايع ٿيندا هئا."[٥] اهو ابتدائي تخليقي ادب هن فدائي الراشدي جي نالي سان لکيو. هو پاڻ ٻڌائي ٿو تہ: "ثنائي ۽ وفائي سان هم رديف بڻجڻ خاطر پاڻ کي فدائي ڪيم."[٦] راشدي صاحب جي اندر ۾ جا آنڌ مانڌ هئي ان جي اظهار جو اصل رستو اڃا ڪو ٻيو هو تنهن ڪري جلد ئي هن شاعري ۽ افسانہ نگاري کي الوداع چيو. هن پاڻ اهڙو اظهار هن طرح ڪيو آهي: "سمجهيم تہ دراصل مون ۾ نہ شعر گوئيءَ جو سليقو آهي، ۽ نہ طبيعت ئي موزون يا مناسب آهي، جنهن بعد مر ڳو ئي انهيءَ شغل کان دستبردار ٿي ويٺس."[٧] اهو سندس تخليقي عمر جو پهريون دور هو جيڪو ١٩٢٣ع کان ١٩٣١ تائين شمار ڪري سگهجي ٿو.

اهي ابتدائي نوَ سال هن استادن جي تربيت ۾ لکڻ جي مشق هيٺ گذاريا. جنهن بعد پنهنجي وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشدي جي معرفت هن صحافت ۾ پير پاتو ۽ مختلف اخبارن ۾ ان دور جي ٻرندڙ مسئلن تي ڪالم، ايڊيٽوريل ۽ مضمون لکڻ شروع ڪيا. اهي سندس نوجوانيءَ جا ڏينهن هئا ۽ ان ڪي اسين سندس لکڻين جو عبوري دور چئي سگهون ٿا، جنهن ۾ هن جي سنڌ ۽ سنڌ جي مسئلن تي گهري نظر رهي. لفظ ’حُسام‘ جي معنيٰ آهي تيز ترار، ۽ پير حسام الدين تن ڏينهن ۾ قلم کي ترار ڪري وهايو پر هن جون انهن ڏينهن واريون اهي لکڻيون به ٺلهي جذباتيت ۽ لفاظيءَ کان پاڪ، مدلل ۽ مضبوط هيون. قريشي حامد علي خانائي پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکي ٿو ته: ”مرحوم سيد صاحب اٺويهه ورهين جي ڄمار ۾ يعني سن ١٩٣٠ع کان وٺي ’سنڌ زميندار‘ اخبار ذريعي صحافت جي رستي سنڌي علم ادب جي ميدان ۾ قدم رکيو. پاڻ انهيءَ اخبار جي ذريعي سنڌي نثر جي لکڻ جي باقاعدي شروعات ڪيائين. هي اهو زمانو هو، جڏهن ننڍي کنڊ ۾ انگريز شاهيءَ جي خلاف آزاديءَ جي هلچل هلي رهي هئي ته ٻئي طرف افغانستان ۾ انگريز سامراج پنهنجي سياسي چالبازين ۽ مڪارين سان امير امان الله خان کي تخت و تاج کان محروم ڪري ڇڏيو. مولانا ظفر علي لاهور مان ’زميندار‘ اخبار وسيلي جوشيلا مضمون ۽ تقريرون شايع ڪري، انگريز سلطنت جي ڪوٽ جي ڪنگرن کي لوڏي وڌو هو. ساڳي دور ۾ مولانا غلام رسول مهر جي اخبار ’انقلاب‘ کان به سيد صاحب متاثر هو. مولانا مهر جي سنجيده ۽ پُرمغز ادارتي لکڻين سندس خيالن ۾ وسعت ۽ ڪشادگي پيدا ڪئي هئي.... تاريخي ۽ ادبي مضمون ۽ مقالن لکڻ جي شروعات مرحوم سيد صاحب انهيءَ دور کان ڪئي. ان کان پوءِ سن ١٩٣٤ع ۾ سيد صاحب ’ستاره سنڌ‘ ۾ تاريخي مضمون لکڻ شروع ڪيا، جن ۾ ڪافي علمي پختگي پيدا ٿي چڪي هئي. ان کان سواءِ ’الوحيد‘ ۽ ’توحيد‘ اخبارن ۾ سندس بهترين مضمون شايع ٿيڻ لڳا. انهيءَ زماني ۾ اهي ٻئي اخبارون سنڌي زبان جي آسمان تي پوري آب و تاب سان چمڪي رهيون هيون. شڪارپور سنڌ مان نڪرندڙ سنڌي رسالي ’سنڌو‘ ۾ به سندس بهترين مضمون ڇپجندا هئا.“(٨) انهيءَ دور ۾ هن جيڪي مضمون ۽ مقالا لکيا سي علمي، ادبي ۽ تاريخي نوعيت جا هئا. انهن منجهان ڪي مقالا وري سنڌ جي عظيم شخصيتن متعلق هئا. اهڙي ريت ابتدائي طور هن خاڪا نويسي ۽ تذڪره نگاري جو ڪم به شروع ڪيو ۽

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





اڳتي هلي سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ سماج کي ئي پنهنجي تحقيق جو مستقل موضوع بڻايو. اهو سندس تحريرن جو ٿيون ۽ عروج وارو دور هو. ان دور ۾ هو هڪ اعليٰ درجي جي محقق ۽ مورخ طور اڀريو ۽ ڏيهان ڏيهه مقبوليت حاصل ڪيائين. راشدي صاحب سنڌ جي تاريخ ۽ ادب تي اٽڪل ٣٠٠ تحقيقي مقالا ۽ مضمون لکيا آهن. جن مان ڪجهه سندس ڪتاب ’ٻالهيون ڳوٺ وڻن جون‘ ۾ شامل آهن.

پير علي محمد راشدي هن جي تحقيق ۽ تاريخ طرف لاڙي بعد گذرندڙ وقت جو احوال هن طرح لکيو آهي: ”حسام الدين سمورو وقت تحقيق، تصنيف ۽ تاليف جي ڪم ۾ لڳي ويو. انهيءَ عرصي ۾ هن ٻاهرين ملڪن جا ڪيترائي تحقيقي چڪر هنيان. روس ويو، وچ ايشيا جون تاريخي جايون ۽ علمي مرڪز ڏٺائين. ٻه ڀيرا چين جو چڪر هنيائين ۽ ٻه سال فلپائين ۾ رهيو ۽ ايران سان ايترا ته لاڳاپا پيدا ڪيائين ۽ ايران جي تاريخ تي ايترو ته ڪم ڪيائين جو طهران يونيورسٽي کيس ڊاڪٽريٽ، ايران جي حڪومت ’نشان سپاس درجه اول‘ جو اعزاز ڏيڻ مناسب سمجهيو. هن ڪڏهن به پاڻ کي ڊاڪٽر نه سڏايو، ڇو جو کيس پنهنجن جي تنگدليءَ جو احساس هو.“(٩) جيئن ته حسام الدين راشدي جي ڪم جو بنياد عشق هو، پنهنجي ڌرتي پنهنجي وطن ۽ تهذيب سان عشق. ان ڪري ان عشق جي اڳيان هن سمورا اعزاز تڇ پئي ڀانئيا. ڊاڪٽر الانا لکيو آهي ته ”راشدي صاحب جي هاڪ ۽ ڌاڪ برصغير پاڪ هند کان سواءِ ايران، افغانستان، چين، روس، امريڪا، برطانيا، آفريڪا، آسٽريليا، هانگ ڪانگ، ۽ سلون تائين پکڙيل هئي. انهن ملڪن جا ڪئين عالم ۽ فاضل سندن گهڻو احترام ڪندا هئا.“(١٠) راشدي صاحب جي سڄي زندگي جستجو ڪندي گذري. هو سنڌ جي قديم تاريخ جا پيرا کڻڻ لاءِ هر ان ديس ويو، جتان سنڌ جي آثار ۽ احوال جو مواد ملڻ ممڪن هيو. هن الڳ الڳ ملڪن جا تاريخي ۽ تهذيبي ماڳ ۽ مڪان گهميا، ڪتب خانا جاچيا ۽ هڪ عالم، محقق ۽ مورخ طور مختلف ملڪن ۾ وڃي سنڌ جي نمائندگي ڪئي. ”پير صاحب ١٩٥٢ع ۾ عراق، هندستان، شام ۽ لنڊن جون تاريخي جڳهيون، ميوزم ۽ ڪتب خانا ڏٺا. ١٩٥٦ع ۾ بغداد، شام ۽ لبنان ويو، ١٩٥٨ع ۾ افغانستان جي دوري ۾ تفصيل سان سنڌ ۽ افغانستان لاڳاپن تي تحقيق ڪيائين. ١٩٦٣ع ۾ بغداد جي حڪومت پاران ١٢ سئو سالا جشن ۾ شرڪت ڪيائين ١٩٦٤ع ۾ حڪومت پاڪستان پاران کيس روس ۾ علمي ڪوجنا لاءِ موڪليو ويو. ١٩٦٤ع ۾ هانگ ڪانگ ۾ قديم آثارن جي تحقيق لاءِ

ويو. ١٩٦٥ع ۾ ڪين روسي ڪلچرل ايسوسيئيشن جو نائب صدر چونڊيو ويو. ١٩٦٦ع ۾ پاڪستاني ليکڪن جي وفد ۾ (٣٠ اپريل کان ١٥ مئي) تائين چين ويو. ١٩٦٦ع ۾ شهنشاهه ايران طرفان ڪيس پهلوي ڪتب خاني جي ٿيندڙ ايران شناس عالمن جي عالمي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ خاص طرح گهرايو ويو. وري سيپٽمبر ١٩٦٦ع ۾ افغانستان حڪومت جي سرڪاري دعوت تي افغانستان ويو.“(١١)

پير حسام الدين راشدي هڪ انٽرويو ۾ چيو هو ته: ”منهنجي لکيل تاريخن مان هڪ راهه ۽ هڪ نظريو ملي ٿو تنهن ڪري لکندڙن اڳيان رستو صاف ٿيو پوي ٿو ته سنڌ جي تاريخ تي ڪهڙي ريت ۽ ڪهڙي نقط نگاهه سان لکڻ گهرجي سو سندن اڳيان واضح ڪيو ويو آهي. هن وقت تائين سنڌ ۾ جيڪي تاريخون لکيون ويون آهن، تن ۾ ڪو نقط نگاهه ڪو نه آهي. هر ڌارئي کي، جنهن به اچي قبضو ڪيو آهي ان کي اسان جي لکندڙن اکين تي رکيو آهي. در حقيقت تاريخ ۾ چور کي چور ۽ ساڌ کي ساڌ ڪرڻ گهرجي. تاريخ تڏهن سمجهه ۾ ايندي جڏهن هر هڪ جي عملن ۽ رويه جي تڪ تور ٿيل هوندي. مثلاً آءُ ارغونن ۽ ترخانن جو سنڌ تي قبضو غاصبانه سمجهان ٿو. اسان جي مورخن انهن کي به مسلمان سمجهي پنهنجي اکين تي رکيو آهي. حالانڪ اهي ڪانئن زياده سچا مسلمان هئا جن جي هٿان هنن سنڌ کسي.“(١٢) ائين ئي هڪ ٻئي انٽرويو ۾ هن چيو هو ته: ”حاليه تاريخ ته آهي ئي ڪا نه ۽ هن وقت تاريخ اسلام جو نظريو رکي پوءِ لکن ٿا، حالانڪ تاريخ مسلمان نه ٿيندي آهي پر تاريخ تاريخ ٿيندي آهي ۽ تاريخ هن وقت سائنسي ۽ جديد طريقي موجب نه لکي وئي ته پوءِ سمجهه ۾ ئي نه ايندي.“(١٣) ان مان پير حسام الدين جي تاريخ نويسي جي معيار ۽ غير جانبداريءَ جو اندازو ٿئي ٿو ۽ سندس نڪتهءِ نظر به واضح ٿئي ٿو. هن تاريخ تي جديد سائنسي ۽ تحقيقي انداز ۾ ڪم ڪيو ۽ سنڌ جي تاريخ تي پيل دز کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

هڪ محقق، عالم ۽ مورخ جي حيثيت ۾ پير حسام الدين راشدي جنهن محنت ۽ محبت سان تحقيق ڪئي آهي. سنڌ ۾ ان جا مثال ٿورا ملن ٿا. هن پنهنجي زندگيءَ جو تمام وڏو حصو انهن ورقن جي ڪناڪيڙ ڪندي گذاريو، جن مان هن کي سنڌ جي ماضي جا آثار مليا. هن جي جستجو جي تڪميل رڳو انهن قديم نسخن جي حاصلات تائين نه هئي پر سندس حقيقي ڪم انهن نسخن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ، مقدما ۽ حاشيا لکڻ هيو، جنهن سبب ئي تاريخ تي پيل دروغ بياني جي دز دور ٿي. راشدي جي





ڪم مان ان جو هڪ وڏو مثال ’مڪلي نامو‘ آهي. اهو ڪتاب اصل مير علي شير قانع ٺٽوي لکيو، جيڪو فقط ٩٧ صفحن تي ٻڌل آهي، پر راشدي صاحب جڏهن ان تي ڪم شروع ڪيو ته اهو ٩٧٧ صفحن تائين پکڙجي ويو. اهو راشدي صاحب جو اڪيلو تاريخي ڪارنامو نه آهي پر هن ’مقالات الشعراءِ‘، ’تاريخ مظهر شاهجهاني‘، ’تذڪره امير خاني‘، ’ترخان نامه‘، ’مير معصوم بکري‘ ۽ ’مرزا غازي بيگ‘ جهڙن ڪتابن تي به پنهنجي تحقيق جا جوهر ڏيکاريا آهن. پير علي محمد راشديءَ موجب: ”فارسيءَ ۾ پنجويهه وڏا ڪتاب لکيائين، سنڌيءَ ۾ ٻارهن ۽ اردوءَ ۾ چار. سيئي معياري ڪتاب ۽ وڏي تحقيق ۽ وڏي محنت جو نتيجو. انهن سان گڏ هو علمي رسالن جي لاءِ مضمون ۽ تحقيقي مقالا به لکندو رهيو. (سنڌي ۾ ڀ سؤ، اردو ۾ ويهه ۽ فارسيءَ ۾ پنج، اخباري مضمون ڪيترائي هزار) هي اهي شيون آهن جيڪي ڇپجي چڪيون آهن. انهن کان سواءِ مرحوم جا لکيل ٻيا سوين اڻپورا مسودا اڃا به پيا آهن.“(١٤)

”هڪ محقق ۽ مؤرخ جي حيثيت ۾ حسام الدين راشدي جو مرتبو نهايت بلند هو، ڪيس سنڌ جي تاريخ ۽ مشاهيرن جي حالات زندگيءَ جي ترتيب ۽ ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۾ وڏو درڪ حاصل هو. سندس تصنيفن ۽ تاليفن جي اڀياس ڪرڻ سان هرڪو اهل علم سندس طبع علمي، وسعت نظري، وسيع مطالعي، اصول انتقاد ۽ اصول تنقيد جو دل سان داد ڏئي ٿو. پراڻن ۽ گمنام قلمي نسخن، ڪرم خورده ۽ بوسيده بياضن کي ڳولي هٿ ڪرڻ، انهن جي نئين سر توسيع ڪرڻ، عالمانا مقدما ۽ پيش لفظ لکڻ، منتشر ۽ غير مرتب ورقن کي اٿلائي پٿلائي نئين سر ترتيب ڏئي سينگارڻ ۽ سنوارڻ وغيره اهڙا ڪارناما آهن، جي سيد صاحب جي شخصيت ۽ فن کي هميشه لاءِ زنده ۽ قائم رکن ٿا. سندس عالمانه ۽ مورخانه انداز کان متاثر ٿي، برصغير جي هڪ وڏي محقق ۽ مؤرخ سيد سليمان ندويءَ ڪيس ’مورخ سنڌ‘ ڪري سڏيو هو.“(١٥)

پير حسام الدين راشدي جي تحرير جو انداز نهايت دلچسپ، وڻندڙ ۽ منفرد آهي، ان جو وڏو مثال سندس يادگيرين تي مشتمل ڪتاب ’هو ڏوٿي هو ڏينهن‘ آهي. اهو ڪتاب هن منيلا ۾ ويهي لکيو. ڪتاب ناهي ڄڻ کي يادن جون ويرون آهن، جيڪي اُٿن ۽ لهن ٿيون. هڪ عهد جي تاريخ آهي هي ڪتاب. حسام الدين راشدي اهو ڪتاب هڪ خط ۾ لاڙڪاڻي جي استاد شاعر نواز علي نياز جي انتقال جي خبر پڙهڻ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بعد لکڻ شروع ڪيو. اصل ۾ هن نياز جي تعزت لاءِ خط لکڻ چاهيو هو پر پوءِ ان پنيان سندس ذهن ۾ يادن جا تاڪيا کلندا ويا ۽ لاڙڪاڻو، لاڙڪاڻي جي ادبي، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي تاريخ کان وٺي سچي سنڌ جو ماضي ۽ حسين روايتن جون رنگينيون، سندس دوست احباب، محفلون ۽ ڪچهريون ياد اينديون ويون، مطلب هڪ جهان آباد ٿي ويو هن ڪتاب ۾. ائين اهو خط هڪ تاريخ ساز ڪتاب بڻجي ويو. ڪتاب جي منڍ وارن صفحن تي ئي پاڻ لکيو اٿس: "خيال ڪيم، 'نياز' جي دور، زماني ۽ عهد جي هڪ هڪ شيءِ اکين اڳيان اچي ويئي. لاڙڪاڻو، لاڙڪاڻي جا مشاعرا، اُتنهن جا مشاهير، وڏا وڏا زميندار، نواب ۽ سردار، انهن جو اوج ۽ اقبال، وضع ۽ قطع، ڪچهريون ۽ ڪارناما، سڪرُ، سڪر جون ادبي محفلون، اُتنهن جا مشاعرا، اُتنهن جا دلبر دوست ۽ موچارا ماڻهو، نه فقط جن جن واقعن سان 'نياز' جو واسطو هو، اهي ياد آيا، بلڪ انهيءَ سچي ماضيءَ جون اهي سيئي ڳالهيون ۽ ڪهاڻيون، جيڪي هنن گنهگار اکين ڏٺيون، هڪ هڪ ٿي ذهن ۾ اينديون ويون، دل تي ترنديون ويون، ۽ يادن جا نقش اُڀرندا ويا.

وسعتی پیدا کن ای صحرا که امشب در غمش،
لشکرِ آہِ من از دل، خیمه بیرون میکشد."(١٦)

هن ڪتاب پڙهڻ سان ڳالهه مان ڳالهه ڪڍڻ ۽ ڪڙيون ڪڙين سان ملائڻ جو هنر سکي سگهجي ٿو. اصل ۾ هي ڪتاب پير حسام الدين جي ناسٽيلجيا آهي. ڪتاب جي ٻوليءَ ۾ چا ته چاشني ۽ رواني، لطف ۽ لذت آهي. تُڪ بندي ۽ قافيا پيمائي جي ڪمال سبب سندس نثر تي نظم جو گمان ٿئي ٿو. هي ڪتاب نج سنڌي محاورن، اصطلاحن ۽ ترڪيبن سان جنجهه آهي. منڍ کان وٺي ٻوليءَ تي سندس گرفت مضبوط هئي. "سندس طبيعت جو زياده ميلان سنڌي عبارت طرف هو. سندس پوري شخصيت پنهنجي عبارت مان جهلڪي ٿي. سندس مزاج ۽ ماٺار، سنجيدگي، ۽ وقار سندس عبارت ۾ رنگ پري ٿي. ڪيس پڙهندڙن کي پنهنجي طرف متوجه ڪرڻ جو وڏو ڍنگ آهي. سيد صاحب پنهنجي هر مقالي ۽ تصنيف جي شروعات نهايت ئي محنت ۽ سليقي سان ڪري ٿو، جنهن مان پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ ڪافي متاثر ٿين ٿا ۽ انهن جي پڄاڻي پڻ پوريءَ طرح نباهي ٿو."(١٧)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





حسام الدين راشدي جو 'هو ڏوٿي هو ڏينهن' پنهنجي اسلوب ۾ تخليقي ادب جو شاهڪار محسوس ٿئي ٿو. ان ۾ ڪيئي ڪهاڻيون منظر ۽ ڪردار آهن. تنهن ڪري هيءُ ڪتاب حقيقت جو افسانو محسوس ٿئي ٿو. هن ڪتاب مان سندس ريشم جهڙن گداز لفظن جي نرمي ۽ رنگيني جو هڪ ننڍڙو مثال حاضر آهي: "انهيءَ زماني ۾ دوستين جا انگ ۽ ننگ به هوندا هئا. ماڻهو پڳهان مَٽائي ياري رکندا هئا، هڪ ٻئي لاءِ سِڪ ۽ سواد هوندو هو. هاسيڪاري دوستن کي ڏسڻ ۽ انهن سان حال اورڻ لاءِ ڏينهن پاند ڏينهن اچبو رهبو هو. غرض ۽ مطلب خاطر نه بلڪ چڙو مُنهن ڏسڻ لاءِ هڪ ٻئي ڏي ڪيچ ڪَهي اچبو هو. دوست آيو ته هياءُ ٺري پوندو، مُنهن ٽڙي ويندو، خوشيءَ مان پيو ڪِلبو، ور ور ڪري ڀاڪرين پيون ڏبيون، سينن سان پيا سينا ملبا. اها جاءِ نه ملندي جتي ڪٽي دوست ويهارجي. دلبريءَ ۽ دلداريءَ ۾ ڪٿو نه پڇبو: هرهر پيون خوش خيرافتان ٿينديون. خبر پوندي ته اڄ دوست اچي ٿو ته جڻ سچيون ماندڪايون لهي پيون، ٽڪ ٽُٽي پوندا؛ زماني جا ڏک سور في الحال وسري ويندا؛ آندي نيندي جي ڳِٽتي هلي ويندي؛ راتيون چرچن يوڳن ۾، ڏينهن ريجهه ۽ رهاڻ ۾ لنگهي ويندا. يار هڪ دفعو هٿ آيو، ته ڇڏڻ تي روح نه ٿيندو، وڃڻ جو وقت ايندو ته ٽِڪائڻ لاءِ بهانا پيا ڳولبا، رتائون پيون رٽبيون منٿان ميڙيون ڪري پيو چئبو: 'ادا اڄوڪو ڏينهن! يَر چڙو اڄوڪو ڏينهن ٽِڪُ! پلا چڙي رات رَهُه، سياٽي ڪري وڃجانءِ! چڱو ڏُپهَرو ڪري شام جو الاٿهار ڪر!'- اڄ ٽِڪيو ته سياٽي رهائڻ لاءِ وري پيا ڪيڏ ڪيڏبا. دوست جڏهن رخصت ٿيندو ائين پيو لڳندو جڻ گهر ويران ٿي ويو، در ۽ ديواريون پيون ڪائينديون، ٻئي ڏينهن کل خوشيءَ جا جو گذريا، ڪي چند گهڙيون وندر ۽ رهاڻ ۾ جو بسر ٿيون!"(١٨)

ڪتاب جي ان هڪڙي پيراگراف مان ئي اهو اندازو لڳائڻ ڏکيو ناهي ته پير حسام الدين راشدي جي هن ڪتاب ۾ چا آهي. مختصر لفظن ۾ چئجي ته ٻوليءَ جو جادو آهي، حسين يادن جو طلسم آهي، ماضيءَ جا منظر آهن، املهه انسانن جون ڪٿائون آهن، وچائجي ويل وٿن جي سار آهي، هڪ انوکو سرور آهي، سنڌ جي تهذيب، ثقافت ۽ روايتون جي پچار آهي.....

پيرحسام الدين پنهنجي عمر جي آخري پَل تائين تحقيق ۽ جستجو جاري رکي. سنڌ شناسي هن جي سموري علم جو محور هئي، انهي ڪري هن پنهنجي آخري آرام گاهه به سنڌ جي تاريخ جي عظيم نشان مڪلي جي قبرستان کي بڻايو. هن موت

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪان اڳ پنهنجي قبر ٺهرائي ڇڏي هئي ۽ ساميءَ ۾ سمهي مڪليءَ جي مهڪ کي محسوس ڪيو هو. ممتاز راشدي سندس زندگي کي هنن لفظن ۾ سهيڙيو آهي: ”پاڻ پنهنجي سماج جي جيڪا وڏي ۾ وڏي خدمت ڪيائين اها هيءُ هئي ته هن پاڻ کي ان لائق بڻايو جو جاگيرداري سرشتي جي هر رجعت پذير شيءِ کي نه رڳو پاڻ ٽڏي ڇڏيائين، پر سندس ويجهو جيڪي به آيا ته سيني ۾ آزادي پسنديءَ ۽ انسان دوستيءَ جا گڻ پيدا ڪيائين.“[١٩] هن آزادي پسند ۽ انسان دوست عالم پنهنجي علمي بصيرت، ذات ۽ ذاهپ، عشق ۽ جستجو سبب جيڪو مقام پيدا ڪيو ۽ جن عظمت جي بلندين کي ڇُهيو سي بنهه ٿورن ماڻهن جي حصي ۾ اينديون آهن. پير حسام الدين راشدي جو نالو سنڌ جي تاريخ جو نشان راهه آهي، جنهن کي ڪوبه مٽائي نه ٿو سگهي. اميد خيرپوري شايد حسام الدين راشدي جهڙن انسانن لاءِ ئي چيو هو:

جڏهن هڪ موت عالِمَ جو، سڄي عالمَ جي لئه آهي،
تڏهن آ درد، هر همدرد جي دل ۾ جڳهه جوڙي.
مرڻ جن کي ڪپي، سي موت کان لڪندا رهيا آهن،
جيئڻ وارا الائي ڇو وڃن ٿا موت ڏي ڊوڙي.

## حوالا


١. قريشي، حامد علي خانائي، ’سيد حسام الدين راشدي بحيثيت محقق ۽ مؤرخ‘، (مقالو)، ٽه ماهي ’مهراڻ‘، حسام الدين راشدي نمبر (شيخ نفيس احمد، ايڊيٽر) جلد ٣٢ جنوري ، مارچ ١٩٨٣ع، ص: ٣٦.

٢. قدوسي، اعجاز الحق، ’پير حسام الدين راشدي ـ منهنجو قدردان‘ (مقالو)، ٽه ماهي ’مهراڻ‘، حسام الدين راشدي نمبر (شيخ نفيس احمد، ايڊيٽر)، جلد ٣٢ جنوري، مارچ ١٩٨٣ع، ص: ٤٩.

٣. راشدي، علي محمد پير، ’حسام الدين مرحوم حسام الدين ڪيئن بڻيو‘، (مقالو)، ٽه ماهي ’مهراڻ‘، حسام الدين راشدي نمبر (شيخ نفيس احمد، ايڊيٽر)، جلد ٣٢ جنوري ، مارچ ١٩٨٣ع، ص: ١٦.

٤. پٺي، رشيد، ’پير حسام الدين راشدي جي افسانه نگاري‘، (مقالو)، هلال پاڪستان مئگزين، ڪراچي، سيپٽمبر ١٩٨٣ع، ص: ٧١-٧٠.

٥. راشدي، سيد حسام الدين، (انٽرويو) هلال پاڪستان مئگزين، سيپٽمبر ١٩٨٣ع، ص: ٠٨.




*Kalachi* Research Journal ڪلاچي تحقيقي جرنل


٦. راشدي، حسام الدين سيد، ’هو ڏوٽي هو ڏينهن‘، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ١٩٧٧ع، ص: ١٢٤.

٧. ساڳيو، ص ١٢٤.

٨. قريشي، حامد علي خانائي، ’سيد حسام الدين راشدي بحيثيت محقق ۽ مؤرخ‘، (مقالو) ٽه ماهي ’مهراڻ‘، حسام الدين راشدي نمبر (شيخ نفيس احمد، ايڊيٽر)، جلد ٣٢ جنوري، مارچ ١٩٨٣ع، ص: ٣٧.

٩. راشدي، علي محمد پير، ’حسام الدين مرحوم حسام الدين ڪيئن بڻيو‘، (مقالو)، ٽه ماهي ’مهراڻ‘، حسام الدين راشدي نمبر (شيخ نفيس احمد، ايڊيٽر)، جلد ٣٢ جنوري ، مارچ ١٩٨٣ع، ص: ١٨.

١٠. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، ’پير حسام الدين راشدي ـ هڪ سُڄاڻ محقق‘، (مقالو)، ٽه ماهي ’مهراڻ‘، حسام الدين راشدي نمبر (شيخ نفيس احمد، ايڊيٽر)، جلد ٣٢ جنوري، مارچ ١٩٨٣ع، ص: ٤٢.

١١. پٺي، ستار، ’لاڙڪاڻو امر شخصيتون‘، لاڙڪاڻو ريسرچ اڪيڊمي، ٢٠٠٠ع، ص: ٢٦.

١٢. راشدي، سيد حسام الدين، ’ڳالهيون منهنجي سنڌ جون‘، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، (مرتب) (انٽرويو: عابد لغاري) سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ١٩٩٢ع، ص: ٣٧٢.

١٣. راشدي، سيد حسام الدين، ’ڳالهيون منهنجي سنڌ جون‘، ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، (مرتب) (انٽرويو: خان محمد پنهور) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ١٩٩٢ع، ص: ٣٩١.

١٤. راشدي، علي محمد پير، ’حسام الدين مرحوم حسام الدين ڪيئن بڻيو‘، (مقالو)، ٽه ماهي ’مهراڻ‘، حسام الدين راشدي نمبر (شيخ نفيس احمد، ايڊيٽر)، جلد ٣٢ جنوري ، مارچ ١٩٨٣ع، ص: ١٨.

١٥. قريشي، حامد علي خانائي، ’سيد حسام الدين راشدي بحيثيت محقق ۽ مؤرخ‘، (مقالو)، ٽه ماهي ’مهراڻ‘، حسام الدين راشدي نمبر (شيخ نفيس احمد، ايڊيٽر)، جلد ٣٢ جنوري ، مارچ ١٩٨٣ع، ص: ٣٧.

١٦. راشدي، سيد حسام الدين، ’هو ڏوٽي هو ڏينهن‘، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٧٧ع، ص: ٠٢.

١٧. قريشي، حامد علي خانائي، ’سيد حسام الدين راشدي بحيثيت محقق ۽ مؤرخ‘، (مقالو) ٽه ماهي، ’مهراڻ‘، حسام الدين راشدي نمبر (شيخ نفيس احمد، ايڊيٽر)،جلد ٣٢ جنوري، مارچ ١٩٨٣ع، ص: ٣٨.

١٨. راشدي، سيد حسام الدين، ’هو ڏوٽي هو ڏينهن‘، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٧٧ع، ص: ٠٩.

١٩. راشدي، ممتاز، ’حسام الدين راشدي ـ هڪ انسان هڪ عالم‘ ـ (مضمون)، ٽه ماهي ’مهراڻ‘ حسام الدين راشدي نمبر (شيخ نفيس احمد، ايڊيٽر) جلد ٣٢ جنوري، مارچ ١٩٨٣ع، ص: ٢١.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair